# بصرن جي جديد طريقي سان پوک

## بصرن جو تحقيقاتي ادارو هوسڙي
## حيدرآباد سنڌ





2024

کتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب: | بصرن جي جديد طريقي سان پوک |
| سرپرست: | **رفيق احمد برڙو**<br>سيڪريٽري زراعت سنڌ |
| نگران اعليٰ: | **ڊاڪٽر مظهر الدين ڪيريو**<br>ڊائريڪٽر جنرل ايگريڪلچر ريسرچ سنڌ |
| نگران: | **ولي محمد بلوچ**<br>ايگزيڪيٽو ڊائريڪٽر سنڌ هارٽڪلچر سينٽر<br>ميرپورخاص |
| ترتيب: | **پروين اختر**<br>ڊائريڪٽر/ پرنسپل سائنٽسٽ |
| تحقيق ۽ تحرير: | روبينه شاهه<br>پرنسپل سائنٽسٽ<br>نواب جان بلوچ<br>سائنٽيفڪ آفيسر |
| سال: | 2024 |



## تعارف

بصرن جو تحقيقاتي ادارو هوسڙي حيدرآباد کان 15 ڪلوميٽر جي مفاصلي تي ٽنڊو محمد خان روڊ تي واقع آهي هتي ڀاڄين جي تحقيق جي اسٽيشن جو بنياد 1985 ۾ رکيو ويو. هن اسٽيشن کي2019 ۾ ترقي ڏئي انسٽيٽيوٽ جو درجو ڏنو ويو. اداري کي ڪل 10 ايڪڙ زرعي زمين مليل آهي جنهن ۾ ربيع ۽ خريف جي موسمن ۾ مختلف قسم جا تجربا ڪيا ويندا آهن زمين کي ڦليلي ڪئنال مان ملندڙ پاڻي جي ذريعي آباد ڪيو وڃي ٿو.

### بصرن جي تحقيقاتي اداري جا مقصد

1- بصرن جي ٻيجاري کي جديد طريقي سان تيار ڪرڻ.

2- جيتن ۽ بيمارين جو جديد طريقي سان مطالعو ڪرڻ ۽ انهن کان بچاءُ جا طريقا ڳولڻ

3- نيون ۽ اعليٰ قسم جون پيداواري جنسون تيار ڪرڻ.

4- بصرن جي ٻج جي نئين پيداواري فني مهارت واري ڄاڻ هارين تائين پهچائڻ.

.5 بصرن جون ملڪي ۽ غير ملڪي جنسون گڏ ڪري تجربن ۽ مشاهدن کان پوءِ تجارتي سطح تي هارين تائين پهچائڻ.

**حاصلات:** اداري جي طرفان ٻه اعليٰ پيداواري جنسون متعارف ڪرايون ويون آهن جيڪي نه صرف سڄي سنڌ ۾ بلڪ پوري ملڪ ۾ ڪاميابي سان پوکيون وڃن ٿيون. انهن مان خريف ۾ پوکجندڙ جنس نصرپوري آهي. جيڪا تمام سٺي پيداواري صلاحيت رکي ٿي ۽ ربيع ۾ پوکجندڙ جنس هوسڙي ون آهي.

### بصرن جو تعارف

بصر جي ڳڻپ دنيا جي قديم ترين ڀاڄين ۾ ٿئي ٿي بصر اها واحد ڀاڄي آهي جيڪا روز مره جي ڀاڄين ۾ استعمال ٿئي ٿي انساني جسم جون خوراڪي ضرورتون جهڙوڪ حياتين، نمڪيات ۽ طاقت پيدا ڪري ٿي هي واحد ڀاڄي آهي جيڪا سيني ڀاڄين کان وڌيڪ پوکي وڃي ٿي. پاڪستان ۾ بصر تقريبن چار لک ايڪڙن کان مٿي پوکيو وڃي ٿو. ساليانې پيداوار تقريبن 3.15 ملين ٽن آهي.



## بصرن جي بهترين پيداوار حاصل ڪرڻ جا طريقا

**صحت مند ٻج جي چونڊ:** بصرن جي سٺي پيداوار لاءِ سڀ کان پهرين صحت مند ۽ نج ٻج جي چونڊ ڪرڻي پوندي آهي، صحت مند ٻج ئي صحت مند فصل ڏئي سگهي ٿو ۽ ان ڳالهه جو خيال هئڻ گهرجي ته ٻج ڪمزور ۽ بيمارين کان آجو هئڻ گهرجي. جيڪڏهن ٻج ۾ عيب هوندا ته بصرن جي پيداوار تي تمام گهڻو اثر پوندو ۽ پيداوار به گهٽ لهندي.



**بصرن جو ٻيجارو تيار ڪرڻ:**

ٻيجاري لاءِ مٿانهين زمين جي چونڊ ڪرڻ گهرجي. جهڙوڪ ڪنهن شاخ يا واٽر جي ڪپ سان ٻيجاري لاءِ ٻاريون ٺاهجن ته جيئن پاڻي ڏيڻ ۽ نيڪال ڪرڻ لاءِ آساني ٿئي. بصرن لاءِ لٽياسي زمين کي بهتر سمجهيو وڃي ٿو. زمين کي سٺي نموني تيار ڪجي ٻاريون 6X4 فٽن جون ٺاهجن ٻج پوکڻ کان اڳ ٻاريون ٺاهجن انهن ۾ سڪل گاهه ۽ ڪک پن وجهي ساڙجن ته جيئن زمين ۾ رهندڙ نقصانڪار جيوڙا سڙي ختم ٿين ۽ ٻيجارو ساڙ واري بيماري کان بچي سگهي. ڪنهن ٿانو ۾ ٻج کي پاڻي ۾ پُسائجي پوءِ 125 گرام في ٻاري جي حساب سان ڇٽ ڪجي ان سان گڏ في ٻاري ۾ 20 کان 30 گرام نائٽروفاس پاڻ ملائجي ۽ پوءِ انهن ۾ ٻج ڇٽي هٿ سان زمين جي مٿاڇري تي مٽي جو هلڪو تهه ملائجي. پاڻي ڏئي مٿان واريءَ جي چنڊ ڏجي ته جيئن ٻج ڍڪجي وڃي. ٻج لڳائڻ کانپوءِ ٻارين مٿان ڪک ڪانن/ پراڻين اخبارن سان ڇانو ڪجي ته جيئن سج جي تپش کان ٻيجارو بچي وڃي. پهريان هر ڏينهن پوءِ هر ٻئي ڏينهن پاڻي ڏجي. 15 ڏينهن کان پوءِ في ٻاري کي هڪ مُٺ يا 10 گرام يوريا ڏجي، ته جيئن بصر جو ٻيجارو سراسري ۽ تڪڙي واڌ ڪري، گندگاهه کي روزانو هٿ سان صاف ڪندو رهجي ٻيجارو عموماً هڪ مهيني کان پوءِ رونبي لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو.





**زمين جي چونڊ:** بصرن لاءِ هلڪي لٽياسي زمين مناسب آهي. ان ۾ ريج جهلڻ جي طاقت پڻ هجي. بصر ڪلراٺي زمين ۾ به ٿئي ٿو. زمين جي pH گهٽ ۾ گهٽ pH6.5 کان pH 7.8 تائين بهتر آهي.



**زمين جي تياري:** بصر کي پوکڻ کان اڳ چيزل هر لڳرائجي ته جيئن زمين کلي وڃي. ۽ ڪجھ ڏينهن ڇڏڻ کان پوءِ به هر گوبل ۽ به هر ڪلٽيويٽر جا ڏئي ليزر ليولر ڪجي ته جيئن زمين هموار ٿي وڃي. ان کان پوءِ زمين ۾ 4 ٽرڪون وٿاڻ جو ڳريل سڙيل ڀاڻ في ايڪڙ جي حساب سان ڏجي. سٺي نموني ملائجي ۽ جڏهن زمين پوکيءَ لاءِ تيار ٿي وڃي ته پوءِ ڪريا ڪڍي وهر ڪجي.





**رونبو يا وهر ڪرڻ:** جڏهن ٻيجاروهڪ مهيني جو ٿئي ان وقت تيار ٿيل ڪرين جي ٻنهي پاسن کان 3 کان 5 انچ جي مفاصلي تي رونبو ڪجي ۽ ان ڳالھ جو خاص خيال ڪجي ته رونبو ڪرين تي پاڻي جي مٿانهين سطح تي ڪرڻ گهرجي.

**ڀاڻ:** هميشه ڀاڻ ڏيڻ کان پهريان زمين جي چڪاس ڪرائڻ گهرجي ته جيئن خبر پوي ته زمين کي ڪهڙي ڀاڻ جي ضرورت آهي.

## ڀاڻ جي ترتيب

- 250 مڻ وٿاڻ جو ڳريل سڙيل ڀاڻ زمين جي تياريءَ وقت ڏجي.
- ½ 1 ٻوري ڊي اي پي (DAP) ۽ هڪ ٻوري پوٽاش زمين جي تياريءَ وقت ڏجي.
- هڪ ٻوري يوريا ڇُنگي جي15 ڏينهن کان پوءِ ڏجي.
- هڪ ٻوري يوريا ڇُنگي جي 45 ڏينهن کان پوءِ ڏجي.
- هڪ ٻوري يوريا ڇُنگي جي 90 ڏينهن کان پوءِ ڏيڻ گهرجي.



**فصل کي پاڻي ڏيڻ جي ترتيب:** بصرن کي رونبي کرڻ مهل پاڻي ڏجي ۽ پهرين 12 ڏينهن ۾ 3 دفعا پاڻي ڏيڻ گهرجي ۽ پوءِ خريف ۾ هر هفتي ۽ ربيع ۾ هر 12 ڏينهن تي پاڻي ڏيڻ گهرجي.

**گُڏ ڪڍڻ:** بصرن ۾ مختلف قسمن جا گند گاهه ٿين ٿا. گاهه نظر اچڻ ڪانپوءِ گُڏ ڪرڻ شروع ڪجي. گڏ ڪرڻ کان پوءِ پاڻ ۽ پاڻي ڏجي گاهه نظر اچڻ شرط وري گڏ ڪيجي. ٽئين ۽ چوٿين گڏ فصل جي ضرورت مطابق ڪجي. گندگاهه بصرن جي فصل جي ڪاڌ خوراڪ پاڻي ۽ سج جي روشني حاصل ڪرڻ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿين ٿا گندگاهه ختم ٿيڻ سان فصل کي ڪاڌ خوراڪ ڀرپور نموني ملندي ۽ فصل جي پيداوار سٺي ٿيندي ۽ گُڏ جي ڪري پاڙ مضبوط ۽ بصر جي ڳنڍ ۾ واڌ ٿيندي.



**بصرن جي پچڻ جون نشانيون ۽ ڪڍڻ جو طريقو:** بصرن کي پچڻ لاءِ 110 کان 130 ڏينهن لڳي ويندا آهن. جڏهن بصر پچڻ شروع ٿيندو آهي ته ان جا مٿيان پن سُڪڻ شروع ٿي ويندا ۽ هيٺ لڙڪندا ويندا آهن جڏهن بصر جا پن پيلا يا ڦڪا نظر اچن ته ان وقت ان جو پاڻي بند ڪرڻ گهرجي. بصرن جي ساون پنن کي پيرن يا پلاسٽڪ جي ڊرم جي مدد سان موڙڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان بصرن جي پنن مان خوراڪ ملڻ بند ٿي ويندي ۽ ڳنڍ جي ٿولهه به وڌي ٿيندي ويندي ان کان پوءِ بصر جي ڳنڍين کي ڪوڏر يا رنبيءَ جي مدد سان زمين مان ڪڍيو وڃي. 10 کان 15 ڏينهن تائين بصرن کي ڪرين مٿان سڪائڻ گهرجي ته جيئن بصرن مان غير ضروري گهم گهٽجي وڃي ان سان بصرن جي گهٽي وقت تائين رکڻ يا اسٽور ڪرڻ واري صلاحيت ۾ واڌارو ٿيندو. بصرن کي ڪنهن خاص ڇانوَ واري جڳهه تي گڏ ڪرڻ گهرجي ته جيئن ان مان بهتر منافعو ڪمائي سگهجي. بصرن جي پنن کي هڪ انچ ڳنڊ کان مٿي ڪنهن تيز ڌار اوزار يا ڏاٽي جي مدد سان وڍڻ گهرجي.



## بصرن جون جنسون:

هوسڙي -1        نصرپوري        ٽاٽو بولا خان        گهوٽڪي
ڪاسبو        ۽        اڇو بصر



- **هوسڙي_1:** هوسڙي 1 سنڌ جي حيدرآباد ۽ ميرپور خاص ڊويزن ۾ نوي سيڪڙو ڪاميابي سان پوکي وڃي ٿي. تقريباً 25 کان 40 ميٽرڪ ٽن في هيڪٽر پيداوار لهي ٿي. هن جنس جي ڳنڊ وڏي ۽ گول شڪل جي ٿيندي آهي ۽ تقريبن ٽي کان چار مهينا آساني سان محفوظ ڪري سگهجي ٿي.




- **نصرپوري:** نصرپوري سنڌ بلڪ سڄي پاڪستان جي گرم آبهوا وارن علائقن ۾ وڏي ڪاميابي سان پوکي وڃي ٿي. تقريباً 35 کان 50 ميٽرڪ ٽن في هيڪٽر پيداوار لهي ٿي. هن جي ڳنڊ وڏي گول شڪل ۽ هلڪي ڳاڙهي رنگ جي ٿيندي آهي ۽ تقريباً ٻه کان ٽي مهينا آساني سان محفوظ رکي سگهجي ٿي.



- **ٽاٽو بولا خان:** ٽاٽو بولا خان بصرن جي جنس ڪراچي، ٺٽو ۽ ڄامشوري ضلعن وارن علائقن ۾ وڏي پئماني تي پوکي وڃي ٿي.




- **گهوٽڪي:** گهوٽڪي جنس جو بصر سکر ۽ لاڙڪاڻو ڊويزن جي علائقن ۾ وڏي ڪاميابي سان پوکيو وڃي ٿو. ڳنڊيون وچولي جسامت جون ٿينديون آهن. گهوٽڪي جنس جو بصر ڊسمبر ۽ جنوري ۾ پوکبو آهي مئي ۽ جون ۾ تيار ٿي مارڪيٽ ۾ اچي وڃي ٿو.




- **ڪاسبو:** وڏي ڳنڊ واري مقامي جنس پاڃاتي هئڻ ڪري ڊسمبر ۽ جنوري ۾ ٿرپارڪر ضلعي جي ننگرپارڪر علائقي ۾ پوکي وڃي ٿي ۽ سني وقت تائين رکي سگهجي ٿو.



**اڇو بصر:** اڇي بصر جي جنس ڄامشوري، نگر پارڪر، عمرڪوٽ ۽ ٿٽي ۾ محدود پئماني تي پوکي وڃي ٿي. ڳنڍيون وچولي سائيز جون ٿينديون آهن.




**درجہ بندي:** بصر جي درجا بندي ان جي ڳنڍ جي جسامت ۽ وزن جي حساب سان ڪئي ويندي آهي. بصرن کي جسامت جي لحاظ کان ٽن درجن ۾ رکيو وڃي ٿو.

پهريون درجو وڏي جسامت (A Class)

ٻيو درجو وچولي جسامت (B Class)

ٽئين درجي ۾ ننڍي جسامت (C Class)



پهرين درجي واري جنس کي ايڪسپورٽ ڪوالٽي چيو ويندو آهي.

ٻئي درجي واري جنس يا وچولي جسامت کي پاڪستان جي وڏين مارڪيٽن ۾ موڪليو ويندو آهي.

ٽئين درجي يا ننڍي جسامت وارين جنس کي لوڪل مارڪيٽ ۾ موڪليو ويندو آهي.

**بصرن کي ٻورين ۾ بند ڪرڻ يا پيڪ ڪرڻ:**

بصرن کي 110 کان 125 ڪلو گرام وارين ٻورين ۾45 کان 60 ڪلو ڄاري وارن پاڇڪن ۾ ڀريو وڃي ٿو.

**بصرن کي ذخيرو ڪرڻ جا طريقا :** ذخيرو ڪرڻ کان پهريائين خراب ۽ سڙيل بصرن جون ڳنڍيون الڳ ڪرڻ گهرجن ائين ڪرڻ سان سٺو بصر خراب ٿيڻ کان بچي ويندو. بصرن کي زمين مان ڪڍڻ کانپوءِ ان جا پن پاڙون ڪٽي ان کي اس ۾ سڪائڻ ضروري آهي تہ جيئن ان ۾ موجود پاڻياٺ گهٽجي وڃي.



**بصرن کي جهوپڙيءَ ۾ ذخيرو ڪرڻ:** بصرن کي جهوپڙيءَ ۾ رکڻ کان پهرين ڪاٺ يان سرن جي ڪانن جا خانا ٺاهڻ گهرجن. انهن خانن ۾هوا جو ڪراس رکجي. ائين ڪرڻ سان بصرن جي ڳنڍ ڳرڻ ۽ سڙڻ کان بچائي سگهجي ٿي.



## بصرن جي گل/ٻج پوک ڪرڻ جي حڪمت عملي:



بصرن جي ٻج پوکڻ لاءِ وچوليون ۽ ذرخيز زمينون نهايت ئي موزون آهن. بصر جي ٻج / گل پوک لاءِ زمين هڪ مهينو اڳ تيار ڪرڻ گهرجي زمين ۾ سپ ڪان پهريائين ٻه راجا هر ڏئي پوءِ ٻه هر گوبل جا ڏجن ته جيئن پتر پڄي پور ٿين ان ڪان پوءِ ڪلٽيويٽر ڏئي ليزر ليولر جي مدد سان زمين هموار ڪجي ان ڪان پوءِ ٻه ٽرڪون وٿاڻ جو ڳريل سڙيل ڀاڻ في ايڪڙ جي حساب سان استعمال ڪرڻ گهرجي. پوءِ زمين ۾ ڀاڻ کي پڪيڙي ڪريا ڪڍڻ گهرجن ته جيئن ڀاڻ زمين اندرملي وڃي پوءِ بصرن جي ڳنڍ جو مٿانهون حصو ڪٽي پوءِ پوکجن. بصر جي ڳنڍ جون 25 ڪان 30 ٻوريون يا 63 ڪان 75 مڻ في ايڪڙ جي حساب سان پوکڻ لاءِ استعمال ڪجن. 15 ڊسمبرڪان ڳنڍيون لڳائڻ بهتر ٿئي ٿو.

### بصرن جي گل پوک جا ڀاڻ (في ايڪڙ)

| وٿاڻ جو ڀاڻ | ڪيميائي ڀاڻ | سلفيٽ آف پوٽاش | يوريا | ڪيلشيم امونيم نائٽريٽ |
|---|---|---|---|---|
| 4 ٽرڪون | نائٽروفاس 2 ٻوريون | 1ٻوري | 2 ڪان 3 ٻوريون | 1ڪان2 ٻوريون |
| --- | مونو امونيم فاسفيٽ 1 ٻوري | 1 ٻوري | 3 ڪان 4 ٻوريون | --- |

### بصرن جون بيماريون

| بيماري جو نالو | سفارش ڪيل فنجيسائيڊ مان ڪا ٻه هڪ استعمال ڪجي | مقدار في ايڪڙ |
|---|---|---|
| ڊائوني ملڊيو | ميلوڊي ڊيو / ميڪسل | 300 گرام 100 ليٽر پاڻي ۾ |
| | مينڪوزيب ۽ مٿاليڪسل | 250 گرام 100 ليٽر پاڻي ۾ |
| پرپل بلاچ | سڪسيس | 250 گرام 100 ليٽر پاڻي ۾ |
| | اينٽراڪال | 250 گرام 100 ليٽر پاڻي ۾ |
| انٿرڪنوز | ايمسٽراٽاپ | 200 ملي ليٽر 100 ليٽر پاڻي ۾ |
| | ٽاپسن ايم | 100 گرام 100 ليٽر پاڻي ۾ |
| نيڪ راٽ | ڪاربينڊيزم | 100 گرام 100 ليٽر پاڻي ۾ |
| | مينڪوزيب مٿاليڪسل | 100 گرام 100 ليٽر پاڻي ۾ |
| بيڪٽيريل بلا ئيٽ | ڪوسائيڊ | 300 گرام 100 ليٽر پاڻي ۾ |
| بيسل راٽ | ڪاپر آڪسيڪلورائيڊ | 250 گرام 100 ليٽر پاڻي ۾ |
| | ڪاربينڊيزم | 100 گرام 100 ليٽر پاڻي ۾ |
| ڊيمپنگ آف | مينڪوزيب مٿاليڪسل | 250 گرام 100 ليٽر پاڻي ۾ |
| | ريڊومل گولڊ | 250 گرام 100 ليٽر پاڻي ۾ |



# بصرن جا نقصان ڪار جيت

| جيت ۽ ڪيڙا | سفارش ڪيل زهرن مان ڪو به هڪ زهر استعمال ڪجي | مقدار في ايڪڙ |
|---|---|---|
| ٿرڙو يا ٿرپ | ڊائناڊيم (ڊائميٿوهيٽ) | 300 ml / acre |
| | ٽريسر (اسپائينوسڊ) | 250 ml / acre |
| | پرائيٽ (ڪلورفيناپائر) | 100 ml / acre |
| | پريفينوفاس 50 EC | 500 ml / acre |
| | ايسيفيٽ | 300 g / acre |
| ليف فگما | ميچ 50 EC (ليفيرون) | 200 ml / acre |
| | بيلٽ 48 SC (فلوبيڊامائڊ) | 50 ml / acre |
| | ووليم فليڪسي 50 SC (ڪيلورينٽا نيليپرون + ٿائيميٿازون) | 80 ml / acre |
| | بيفيٿرن 10 EC | 250 ml / acre |
| | ليمڊا ڪيٽلوٿرن 5 EC | 250 ml / acre |
| | ايماميڪٽن بينزوٽ | 250 ml / acre |
| هيلوٿس | ميچ 50 EC (ليفيرون) | 200 ml / acre |
| | بيلٽ 48 SC (فلوبيڊامائڊ) | 50 ml / acre |
| | بيفيٿرن 10 EC | 250 ml / acre |
| | ليمڊا ڪيٽلوٿرن 5 EC | 250 ml / acre |

# مائڪرونيوٽرينٽ ۽ مائڪروآرگينزم

| مائڪرونيوٽرينٽ | وزن في ايڪڙ | ڏيڻ جو وقت | ڏيڻ جو طريقو |
|---|---|---|---|
| هيومڪ ايسڊ 40 | 8 kg / 4 ltr | نرسري/ چنگي لڳائڻ وقت | ڇٽ / آواندي ۾ |
| زنڪ سلفيٽ | 4 ltr / kg | پوکيءَ جي 50 ڏينهن اندر | ڇٽ / آواندي ۾ |
| سلفر80% / سلفربيٽنائيڊ 90% | 10 kg / 4kg | پوکيءَ جي 30 ڏينهن اندر | آواندي ۾ / ڇٽ |
| ڪاپر | 250 gm | پوکيءَ مهل | آواندي ۾ |
| بائيوسلفيورڪ بيڪٽيرا | 8 / 6 ltr | پوکيءَ جي 30 ڏينهن اندر | آواندي ۾ |
| ايفيڪٽو مائڪروآرگينزم | 8 / 6 ltr | پوکيءَ جي 30 ڏينهن اندر | آواندي ۾ |
| پوٽاش | 1ltr / kg | پوکيءَ جي 30 ڏينهن اندر | اسپري |
| امائنو ايسڊ | 500 gm / ml | پوکيءَ جي 60 ڏينهن اندر | اسپري |
| اين پي ڪي | 500 gm / ml | پيسٽسائيڊ سان گڏ | اسپري |

